# سنڌي لوڪ ڪهاڻيون

## بادشاهن، وزيرن ۽ سوداگرن جون ڳالهيون

### جلد ٻيو



لوڪ ادب سلسلي جو ٻاويهون ڪتاب

# لوڪ ڪهاڻيون -٢

## (بادشاهن، وزيرن ۽ سوداگرن جون ڳالهيون)

مرتب

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
ڊائريڪٽر لوڪ ادب اسڪيم
سنڌي ادبي بورڊ

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ
پاڪستان
١٤٠٧ھ/١٩٨٧ع

| | | |
|---|---|---|
| ڇاپو پهريون | فيبروري ١٩٦٣ع | تعداد ١٠٠٠ |
| ڇاپو ٻيو | ڊسمبر ١٩٧٧ع | تعداد ٤٠٠٠ |
| ڇاپو ٽيو | آگسٽ ١٩٨٧ع | تعداد ٢٠٠٠ |

[سنڌي ادبي بورڊ جا حق ۽ واسطا قائم]

قيمت ٽيهہ رپيا
[Price Rs: 30-00]

ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال،
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ.

ٽپال ائڊريس:

(جي. پي. او باڪس نمبر ١٢، حيدرآباد سنڌ.)

هيءَ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو سنڌ ۾ مئنيجر، ميان الله بچائي يوسف زئي ڇپيو ۽ مسٽر محمد حسين ترڪ، سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

ٻيهر صاف ڪري لکڻ ۾ تحسين جوڳو ڪم ڪيو، ۽ محترم شيخ محمد اسماعيل ان سڄي ڪم جي نگراني ڪئي، ۽ مسوّدہ تيار ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. ڪتاب جي آخري سٽاءَ، ترتيب ۽ تاليف لاءِ بندہ خود ذميوار آهي.

مئنيجر ڪوآپريٽو پرنٽنگ پريس، ۽ سنڌس ساٿين ڪتاب کي جلد ۽ سهڻي نموني سان ڇاپڻ ۾ مدد ڪئي. ولي محمد طاهرزادي ان جا پروف پڙهيا.

سنڌ يونيورسٽي،
حيدرآباد سنڌ
٣- فيبروري ١٩٦٣ع

خادم العلم
ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ

# عنوانن جي فهرست


| ڳالھ جو نالو | | | صفحو |
|---|---|---|---|
| ١- شهزادو گل منير | ... | ... | ٣ |
| ٢- شهزادي ۽ جادو جي منڊي | ... | ... | ٢٣ |
| ٣- ڪوڙهيو بادشاھ ۽ وفادار طوطو | ... | ... | ٢٩ |
| ٤- بادشاھ ۽ غلام | ... | ... | ٣٧ |
| ٥- بادشاھ ۽ فقير | ... | ... | ٤٣ |
| ٦- بادشاھ ۽ ٽرڙ ڪاٺو | ... | ... | ٤٦ |
| ٧- جھان شاھ بادشاھ | ... | ... | ٥٠ |
| ٨- سرمو ٻاتائين، پائي نہ ڇاتائين | ... | ... | ٥٣ |
| ٩- پاڪ ۽ ناپاڪ | ... | ... | ٥٩ |
| ١٠- رب جي رضا | ... | ... | ٦٥ |
| ١١- يا نصيب | ... | ... | ٦٩ |
| ١٢- ڏڪو وزير | ... | ... | ٧٣ |
| ١٣- ڪائر بادشاھ | ... | ... | ٨٧ |
| ١٤- صبر شهزادو | ... | ... | ٩٣ |
| ١٥- شهزادو، وزيرزادو، لوھر ۽ ڪٽي | ... | ... | ١٠٣ |
| ١٦- لعل بہ ليي، پريت بہ رهجي اچي | ... | ... | ١٠٩ |
| ١٧- ٿالهي، ڪدرو ۽ ڪاتي | ... | ... | ١١٦ |
| ١٨- عقلمند ڇوڪري | ... | ... | ١٢٣ |
| ١٩- نڪي ۾ عشق | ... | ... | ١٣٧ |
| ٢٠- وزيرزادو ۽ سوداگرباڻي | ... | ... | ١٤٥ |
| ٢١- دوستي زال جي يا مرد جي؟ | ... | ... | ١٥١ |
| ٢٢- سچ ڇوڪرو | ... | ... | ١٥٧ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ٢٣- سوداگر ۽ وزيرزادي | ... | ... | ١٦٥ |
| ٢٤- سڪ ڪي پنڌ آهي لي ڪونه | ... | ... | ١٧٤ |
| ٢٥- سوداگرزادو ۽ چنيهه لڪئي چوڪري ... | | ... | ١٧٧ |
| ٢٦- جاڳڻ ڪر جوان جو | ... | ... | ١٨٦ |
| ٢٧- آسلهه مائڪ سوداگر | ... | ... | ١٩٤ |
| ٢٨- پڳ ڪنهن جي؟ | ... | ... | ٢٠١ |
| ٢٩- سؤ گهوڙن وارو سوداگر | ... | ... | ٢٠٧ |
| ٣٠- سامون سوداگر | ... | ... | ٢١١ |
| ٣١- سوداگر ۽ هنس پکي | ... | ... | ٢١٨ |
| ٣٢- سوداگر جي سُجاڻ زال | ... | ... | ٢٢٥ |
| ٣٣- سيائو سوداگر | ... | ... | ٢٣٠ |
| ٣٤- چڱي جي چڱائي، مدي جي مدائي | ... | ... | ٢٣٤ |
| ٣٥- چرَيت سوداگرزادو | ... | ... | ٢٤٨ |
| ٣٦- ڪُچمُچ راجا ۽ چيچميچ وزير | ... | ... | ٢٥٤ |
| ٣٧- دولت جو لشو | ... | ... | ٢٥٩ |

# متن

## بادشاهن ، وزیرن ۽ سوداگرن جون ڳالهيون

پوءِ ملان جي ڳالهه قبول ڪري اتي مسجد ۾ رهڻ لڳو.

انهيءَ ملان وٽ جيڪي ٻار پڙهندا هئا، تن ۾ بادشاهه جي ڌيءَ ۽ وزير جو پٽ به هئا. ملان، گل منير کي خليفو ڪري ڪٽي مڪتب ۾ ويهاريو. جيتوڻيڪ گل منير هر علم ۽ هنر کان واقف هو، پر اتي پاڻ کي اڻ پڙهيل سڏايائين. شهزادي ۽ وزيرزادو هڪٻئي تي اهڙا عاشق هئا جو هڪٻئي کان گهڙي به جدا نه ٿيندا هئا. شهزادي جڏهن پڙهي قابل ٿي، تڏهن سندس محلات مان نڪرڻ بند ٿيو. فقط جمعي جي ڏينهن دور ڪرڻ جي بهاني مڪتب ۾ ايندي هئي، جتي پري کان وزيرزادي کي ڏسي دل خوش ڪندي هئي، ڇاڪاڻ ته بادشاهي حڪم موجب سندن ڳالهائڻ ٻولهائڻ بند هو.

جڏهن هنن کي گهڻا ڏينهن گذري ويا ۽ پاڻ ۾ ڳالهائڻ ٻولهائڻ نه ٿين، تڏهن شهزاديءَ ڇا ڪيو جو گل منير کي اڻ پڙهيل سمجهي، کيس هڪڙو خط لکي ڏنائين ته وزيرزادي کي پهچائي ڏي. جنهن ۾ لکيل هو ته: فلاڻي رات، فلاڻي هنڌ لوڪ لقاءَ جي سمهڻ کان پوءِ اچج ته هي ملڪ ڇڏي هليا هلون. ٻيو سڀ بندوبست آءٌ پاڻ ڪنديس. گل منير خط کڻي وزيرزادي کي ڏيڻ لاءِ هليو. اوچتو خيال آيس، ڏسان ته شهزاديءَ خط ۾ ڇا لکيو آهي! سو هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ ويهي خط پڙهيائين. سمورو احوال معلوم ڪري چيائين ته: آءٌ وري ڪهڙيءَ ڳالهه ۾ گهٽ آهيان! پوءِ وزيرزادي کي خط ڏيڻ بدران پاڻ ويهي ان جو جواب لکي آڻي شهزاديءَ کي ڏنائين، جا پڙهي خوش ٿي ۽ پنهنجي هڪڙي حال محرم ٻانهيءَ سان سچي حقيقت ڪري کيس تيار ٿيڻ لاءِ چيائين. انجام واري رات تي ٻانهي ٻه پلا گهوڙا ۽ ٻه خرزينون ناڻي سان ڀري شهر جي ٻاهران هڪڙي وڻ جي هيٺان اچي ويٺي. شهزادي به اڌ رات جو لڪندي لڪندي انهيءَ وڻ وٽ آئي. ڏٺائين ته ٻانهي تيار ويٺي آهي، پر وزيرزادي جو ڪو پتو ڪونهي.

گل‌منير لاءِ لشڪر سميت منزلن تي منزلون ڪندو، آخر هڪڙي ڏينهن ڪنهن بادشاهه جي شهر ۾ هڪڙي باغ ۾ لٿو. قدرت خدا جي اهو باغ بادشاهه جو خاص باغ هو، منجهس هرقسم جا ميوا موجود هئا. گل منير طنبو ڪوڙائي اتي رهي پيو. بادشاهه جي ماڻهن جو گل منير جو لشڪر ڏٺو ۽ سو به وري باغ ۾ سي وڃي بادشاهه ڏانهن ڀڳا ۽ کيس وڃي ٻڌايائون ته: پنهنجي شهر تي ڪو غنيم، چڙهي ڪري آيو آهي ۽ توهان جي باغ ۾ لشڪر سميت لهي پيو آهي. بادشاهه اها خبر ٻڌي وزير کي سڏ سماءَ لهڻ لاءِ موڪليو. وزير هڪلي باغ ۾ آيو، ۽ لشڪر ڏسي دهلجي ويو. نيٺ دل جهلي شهزادي گل منير جي طنبوءَ وٽ آيو ۽ شهزادي کي سلام ڪيائين. گل منير، وزير کان خبرچار پڇي. وزير سياڻو هو تنهن چيس ته: توهان جي اچڻ جي خبر ٻڌي بادشاهه سلامت پيغام موڪليو آهي ته: جي مهمان جي حيثيت سان آيا آهيو ته اسان جا مهمان آهيو، جي جنگ جو خيال هجي ته اسين به تياري ڪريون. انهيءَ تي گل منير ٿورو مشڪي وزير کي چيو ته: اي عقل جا وزير! اسين مهمان آهيون، ڪجهه وقت آرام ڪري پنهنجي ملڪ ويندا سين، جنگ نه ڪندا سين. ائين چئي وزير کي پوشاڪ پهرائي، بادشاهه ڏانهن ڪجهه تحفا ۽ سلام ڏيئي کيس روانو ڪيائين. وزير گل منير کان موڪلائي بادشاهه وٽ آيو ۽ سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايائينس، پر شهزادي جي سهڻي صورت ۽ عقل جي ايتري ته تعريف ڪيائين جو بادشاهه ٻڌي حيران ٿي ويو ۽ وزير کي چيائين ته: جي شهزادو واقعي اهڙو حسين ۽ عقلمند آهي ته منهنجي مرضي آهي ته پنهنجي شهزاديءَ جو سڱ کيس ڪٽي ڏيان. وزير انهيءَ ڳالهه ۾ راضي ٿيو ۽ بادشاهه جي چوڻ تي اچي شهزادي سان مليو. سلام ڪري کيس بادشاهه جو پيغام ٻڌايائين. شهزادي گل منير بادشاهه جي ڌيءَ سان شادي ڪرڻ قبول ڪئي ۽ وزير کي

ٿي هو ته وزير وري به اٿي بيهي ادب سان عرض ڪيو ته: سائين! ملڪن ۾ ڏوهه به ٿيندا آهن؛ تنهنڪري منهنجي صلاح اها آهي ته پهرين ان ميوي جو هڪ ٽڪر ڪنهن ڪراڙي ڪتي کي کارائي ڏسو ته هيءُ ڪتو به جوان ٿئي ٿو يا نه! بادشاهه هن جي صلاح تي ميوي جو ٽڪر ڪٽي ڪتي ڏانهن اڇلايو. ڪتي اجان ميوو کاڌو ئي مس ته اچي ڦٿڪڻ لڳو ۽ ٿوريءَ دير کان پوءِ اتي جو اتي چڙيون هڻي هڻي مري ويو.

بادشاهه اهو حال ڏسي ڪاوڙ ۾ تپي ڳاڙهو ٿي ويو، ۽ طوطي کي پڃري سان ڪڍي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيائين. پوءِ ماليءَ کي حڪم ڪيائين ته: انهيءَ زهريلي وڻ جي چوڌاري ڏنگرن جو وڏو لوڙهو ڏيئي ڇڏ، ته جيئن ڪوبه ماڻهو اهو ميوو نه کائي سگهي. مالهي حڪم ملڻ سان ئي باغ ۾ آيو ۽ وڻ جي چوڌاري وڏو لوڙهو ڏيئي ڇڏيائين.

انهيءَ شهر ۾ ٻه ڪُراڙا زال مڙس رهندا هئا، جيڪي روزانو پاڻ ۾ پيا جهيڙو جهٽو ڪندا هئا. هڪڙي ڏينهن ڪُراڙي زال اهڙو ته اچي ڪڪ ٿي، جو پاڻ کي مارڻ لاءِ گهران نڪتي، ۽ سڌي بادشاهه جي باغ ۾ اچي، زهريلي وڻ مان ميوو پٽي کائڻ لڳي··· پر هن جو مرڻ ته پري رهيو، اٽلندو هوءَ گهڙيءَ ۾ جوان ٿي پيئي. ڪراڙيءَ پنهنجو اهو حال ڏسي ڏاڍي خوش ٿي، ۽ وڻ مان ٻئي ميوا پٽي، پاڻ سان کڻي آئي ۽ اچي مڙس کي چيائين ته: اڙي ڪُراڙا! خوش ته آهين؟ انهيءَ تي ڪراڙي جواب ڏنس ته: مائي! مڙوئي حياتيءَ جا ڏينهن پورا ڪرٽا آهن. ڪراڙيءَ چيس ته: ماريا! آءٌ تنهنجي زال آهيان. پاڻ مارڻ لاءِ مون وڃي زهريلي وڻ جو ميوو کاڌو ته جوان ٿي پيئي آهيان··· اجهو هيءُ ڏس، تنهنجي لاءِ به ميوو کڻي آئي آهيان. تون به کاءُ ته جوان ٿين! ڪُراڙي ميوو وٺي کاڌو ته اهو به جوان ٿي

پيو. ٻئي زال مڙس هڪٻئي کي جوان ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا، ۽ انهيءَ خوشيءَ ۾ سڌا بادشاهه وٽ ويا، ۽ عرض ڪيائون تہ: بادشاهه سلامت! اسين اوهان جي رعيت آهيون. اسين ٻئي زال مڙس ڪِبراڙا هئاسون. حياتيءَ مان ڪڪ ٿي. اوهان جي باغ جو زهريلو ميوو کاڌوسين تہ جوان ٿي پيا آهيون!

بادشاهه هنن جي اها ڳالهہ ٻڌي اچرج ۾ پئجي ويو، ۽ هڪدم ٻالهيءَ کي ان ميوي آڻڻ لاءِ حڪم ڪيائين. جڏهن ميوو آيو تڏهن بادشاهه هڪڙو ميوو پنهنجي پوڙهي گهوڙي کي کارايو، جيڪو کائڻ شرط جوان ٿي پيو، ۽ دڙها هڻڻ لڳو. اتي بادشاهه کي بہ اعتبار آيو ۽ اهو ميوو پاڻ بہ کاڌائين، جنهنڪري هو پوڙهي مان جوان ٿي پيو. پوءِ بادشاهه کي طوطو ياد آيو ۽ پڇتائڻ لڳو تہ ناحق ان وفادار طوطي کي ماريم. پر ڏڌو کير وري ٿڻن ۾ ڪونہ پوندو! تنهنڪري بادشاهه پنهنجي جوانيءَ کي ڏسي، خدا تعاليٰ جو شڪرانو بجا آندو ۽ ڏاڍيون خير خيراتون ڪيائين.

---



## ٤- بادشاهه ۽ غلام*

هڪڙو هو بادشاهه، جنهن وٽ هڪڙو غلام هو، جو عقل ۽ علم ۾ پڙ سمجهيو ويندو هو. هڪڙي ڏينهن بادشاهه کي خيال ٿيو ته هن جو امتحان وٺجي ته ڪيتري پاڻيءَ ۾ آهي. تنهنڪري غلام کي حڪم ڪيائين ته: سفر جو سانباهو ڪر. پوءِ ٿورو ساز سامان ۽ لشڪر ساڻ ڪري، ٻئي سفر تي روانا ٿيا.

هلندي هلندي هنن کي ست ڏينهن گذري ويا، تڏهن بادشاهه هڪڙي هنڌ منزل هنئي، ۽ ان غلام کي حڪم ڪيائين ته: اڄ جو اڄ مونکي راڻي ۽ ٻانهي آڻي ڏي، نه ته

* هيءَ ڳالهه لاڙ (تعلقي ٺٽي) سان عبدالله گندري کان ملي.

جو تو پنهنجي وفادار غلام جون اکيون ڪڍائي ڇڏيون! هاڻي جنهن رستي کان آيو آهين، انهيءَ رستي کان ئي واپس وڃ. بادشاهہ، شهزاديءَ جو اهو جواب ٻڌي مائٽي ڪري پنهنجي ملڪ ڏانهن روانو ٿي ويو.

ٿورن گهڻن ڏينهن کان پوءِ شهزاديءَ جو پيءُ بہ سڄيءَ حڪومت جون واڳون پنهنجي ڌيءَ جي حوالي ڪري، وڃي عبادت ڪرڻ لڳو ۽ شهزادي پنهنجي مڙس سان حياتيءَ جا باقي ڏينهن سک سانت ۾ گذاريا.



دروازي بند ڪرڻ لاءِ ڏاڍا زور پيا لائين، ته به دروازو بندئي نه پيو ٿئي! شهزادو عجب ۾ پئجي ويو ته هي ڇا ماجرا آهي! نيٺ وڏي ماڻهن کان پڇيائين ته: اوهان سان ڪهڙي ويڌن آهي، جو ٻاهران بيهي قلعي جي دروازي بند ڪرڻ لاءِ



ايڏو زور پيا لايو؟ ماڻهن چيس ته: تون پنهنجي جوانيءَ تي قياس ڪري هتان پاسو ڪري جتان جو آهين اوڏانهن هليو وڃ. هن دروازي جي چانئٺ ٽپي جيڪو اندر ٿيو، سو وڃڻ ڪي ويو! اتي شهزادي کي ڪجهه من ۾ آيو، سو ماڻهن کي چيائين ته: اوهين سڀ هٽي پري ٿي بيهو، دروازي کي آءٌ پاڻهي ٿو بند ڪريان. سڀ ماڻهو لاچار هٽي پري ٿي بيهي رهيا. شهزادو وڇيريءَ ۽ گلر کي پري ڇڏي، دروازي تي زور آزمائڻ بيهي رهيو. گهڻئي اچلون ڏنائين پر دروازو بند ڇڙي ئي نه. اوچتو شهزادي جو پير کسڪي ويو، ۽ وڃي چانئٺ ٽپيان. قلعي ۾ اندر ڪريو. ٽپيان يڪدم دروازو

بند ٿي ويو. شهزادو جيئن ٿاڦڙجي قلعي جي اندر ٿيو ۽ سامهون نهاريائين تہ ڇا ڏسي تہ اهو ساڳيو فقير ستو پيو آهي. فقير شهزادي کي آيل ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ کيس ڪڍهن بہ قلعي کان ٻاهر نہ ڪڍيائين.

---



... آخرڪار راڻي پاڻ خيرات کڻي آئي. پوءِ تہ ٻنهي جون اکيون انڪي
ويون ۽ ٻئي اتي ڄمي بيهي رهيا ...



## ٧- جهان شاهہ بادشاهہ *

جهان شاهہ نالي هڪ بادشاهہ هو، جو ڏاڍو ظالم هو. امير غريب سڀ هن کان ناراض هئا. نئين ڏينهن نئون ظلم ڪندو هو. جنهن تي ڀڙڪ پاهر ڪيي، تنهن کي ڦاسيءَ تي ٽي ٽنگايائين. هڪ ڏينهن هيءُ ظالم بادشاهہ، وڏي اٺالي سان سهي سنبري شڪار تي نڪتو. سارو ڏينهن جهنگ ۾ ماڻهن سميت ڀٽڪندو رهيو، پر شڪار نہ مليو سو نہ مليس. مڇاڻ ان جهنگل ۾ هڪ ڪيهر شينهن رهندو هو، جو وري سڄ لهڻ مهل شڪار تي چڙهندو هو. هيڏانهن هن ڪي بہ اچي شام ٿي ۽ هوڏانهن شينهن بہ گجگوڙ ڪري آيو ۽ سڌو

---

* هيءَ ڳالهہ وچولي (تعلقي شهدادپور) مان "ظفر" بلوچ کان ملي.

آءٌ به ضرور لوڙيندس. انهيءَ ويچار ايندي ئي اچي مڙس ڪي دپ ورايو؛ جهڙو هو تهڙو رات آتي جهنگ ۾ رهي پيو، ۽ سڄي رات انهيءَ ويچار ۾ ويئي ويئي مٿان اچي ڏينهن ٿيس. پوءِ اٿي، ڪنڌ هيٺ ڪري، گهوڙي جي واڳ وٺي، آهستي آهستي پيرين پنڌ هلندي هلندي، ڏينهن لٿي اچي پنهنجي محلات ۾ پهتو. ان کان پوءِ بادشاهي، اميرن وزيرن مان چڱن جي حوالي ڪري، پاڻ گوشائتو ويهي پنهنجن گناهن کي بخشائڻ لاءِ رات ڏينهن عبادت ڪرڻ لڳو.



ڪيائين، جنهنڪري مارجي ويئي. ”سرمون تہ پاتائين، پر پائي نہ چاتائين“. پر آءٌ اوهان کي اجهو هيئن سرمون پايو بيٺي وڃان! - مون پنهنجو شرط پورو ڪيو - هاڻي خدا حافظ! اهو چئي، بادشاهہ کي مئل زال جي لاش وارو واقعو ياد پيو، ۽ جڏهن سموري ڳالهہ سمجهيائين، تڏهن ڏاڍو پريشان ٿيو. آخر هو پنهنجي محلات ۾ موٽي آيو، ۽ ٽيڙ جو اچي جاچيائين تہ هيڪاري ڏندين آڱريون اچي ويس. زال تہ اڳ ۾ ئي وڃائي ويٺو هو، پر سڄيءَ ملڪيت تان بہ هٿ ڌوئڻا پيس! لاچار ويچارو ماٺڙي ڪري ويهي رهيو.

۽ بادشاهه کي سموري حقيقت ٻڌايائين. بادشاهه اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين ته: ٻچا! ٻاڪ نياڪ جي ڳالهه آهي — مڙس ٻاڪ جو گهوريو ته ٻاڪ مليس. هت سان نياڪ کي سڏيندو ته اهو به درڪونهه ڇڏيندس. تنهنجو هاٿي ٻاڪ وريو آهي، ان کي رکهه ۽ لوڏڻ هاٿي تنهنجي وس آهي. پوءِ شهزادي سٺي جهاز موتين جا لهرائي پنهنجي محلات ۾ آڻي رکايا، ۽ شهزاديءَ سان ملي ڏاڍي موج ۾ گذارڻ لڳو. پوءِ سندس باغ باغيچا ۽ مال وڻڻ وري ساڳيءَ طرح آباد ٿي ويا. ٻه چار سال اتيئن آتي رهي، شهزادو، بادشاهه کان موڪلائي، شهزاديءَ سميت پنهنجي ملڪ موٽي ويو. ۽ ويل تخت هٿ ڪري، ڏاڍي شان مان سان حڪومت هلائڻ لڳو.

وزير جڏهن پنهنجي ملڪ پهتو، تڏهن سڌو بادشاهه وٽ ويو، ڇوڪرو پيش ڪري چيائين ته: هي ڇوڪرو مائٽن خوشيءَ سان ڏنو آهي ته پلي بادشاهه تان قربان ٿئي. بادشاهه خود ڇوڪري کان پڇيو، جنهن چيو ته: هائو، بادشاهه سلامت! مونکي مائٽن رضاخوشيءَ سان هن وزير وٽ وڪيو آهي. تنهن تي بادشاهه چيو ته: پوءِ چڱو، هن ڇوڪري کي کهي، سندس رت ڪٽي ۾ حڪيم کي ڏيو.

وزير ان ڇوڪري کي جلاد جي حوالي ڪيو. جنهن ڇوڪري کي ويهاري، اجان ڪاٿ آلارينو مس ته ڇوڪري کان وڏو ٽهڪ نڪري ويو. جنهن تي جلاد هٿ جهلي، هن کان کلڻ جو سبب پڇيو. تڏهن ڇوڪري چيس ته: انهيءَ ڳالهه جو جواب آءٌ بادشاهه جي اڳيان هلي ڏيندس—



مونکي بادشاهه وٽ وٺي هلو. جلاد ڇوڪري کي بادشاهه وٽ وٺي ويو، ۽ سموري حقيقت ٻڌايائينس. بادشاهه پڇيس

چيس. شهزادو ان تي بہ لانگ ورائي چڙهي ويٺو، جنهن بہ ڪٺي وچ ساڳي ڪچهري ڏيکاريس. ستين ڏينهن آخر شهزادو چوٿينءَ ڪوٺيءَ ۾ ويو، جتي ڏٺائين تہ هڪڙو گڏهہ ٻڌو آهي، جنهن هن کي ڏسي چيو تہ: جي مون تي چڙهين تہ ڏاڍا مزا ڏيکاريئين! شهزادو جو اڳيئي هريل هو، سو ٽپ ڏيئي گڏهہ تي چڙهي ويٺو. گڏهہ بہ چا ڪيو جو شهزادي کي ڦيرائي ڦيرائي هڪڙي هنڌ اهڙو زور سان ڪٺي پٽ تي هنيو، جو شهزادي جي ٽيڀ وچ زمين سان لڳي ۽ بيهوش ٿي ويو. جڏهن هوش ۾ آيو، تڏهن ڏٺائين تہ سندس گهوڙي جي زبان آڄ ۽ بک کان ٻاهر پيئي لڙڪي، ۽ پاڻ انهيءَ ساڳئي وڻ جي پاڙ ۾ ڪريو پيو آهي. شهزادو اٿي بيهي وڻ کي خنجر هڻڻ لڳو، مگر طاقي وري ڪانہ کلي. اتي هو ڏاڍو حيران ٿيو. ٻي ڪا واهہ نہ ڏسي اٿي سڌو پنهنجي شهر واپس آيو، ۽ اچي پيءُ سان مليو. پيءُ هن کي ڏسندي ئي چيو تہ: آبا! يا نصيب. اتي شهزادي پيءُ کي چيو تہ: بابا! انهيءَ يا نصيب جو مطلب مونکي سمجهايو! تنهن تي بادشاهہ چيس تہ: ابا! تون جو اٺ تي، هاٿيءَ تي ۽ گهوڙي تي ساندهہ ٽي ڏينهن چڙهي شهزاديءَ جي ڪچهريءَ ۾ وئين... ۽ مٺائي نہ ورتئي، سو چو؟ تڏهن تہ آءٌ چوندو آهيان تہ "ابا! يا نصيب."

پلي هليا وڃجو. آخر مقرر وقت تي ميان ٽڪو سهي سنهري گهوڙي تي سوار ٿي ميدان ۾ آيو. هن طرف بادشاهه جا پهلوان به هٿيارن سان اچي ميدان ۾ بيٺا. ايتري ۾ بادشاهه جو حڪم ٿيو ۽ پهلوانن ميان ٽڪي تي جلهه ڪئي. هن فقط تاڙي وڄائي ته ديون جو ڪٽڪ اچي ميدان ۾ پيو، ۽ سڀني پهلوانن کي ختم ڪري ڇڏيائون، سڀ تماشائي ولي پيا. بادشاهه ۽ وزير جي پڻ هانءَ تي سوار ٿي مقابلو ڏسي رهيا هئا — سي به ديون جي دهشت جهلي نه سگهيا ۽ هانءِ کي پوئتي موٽائي ڀڄڻ لڳا. ايتري ۾ هڪڙي ديو اچي وزير کي ڪنڌ کان جهليو ۽ بادشاهه جي اکيان سندس سسي مروٽي هليو ويو.

پوءِ ڏينهن تي بادشاهه، ميان ٽڪي کي با عزت گهرائي پنهنجي وڏو ر ڌيءَ سان شادي ڪرائي، کيس پنهنجو وزير مقرر ڪيو. ان کان پوءِ ٽڪو وزير پنهنجي چئني رائين سان، باقي حياتيءَ جا ڏينهن عيش ۽ آرام سان گذارڻ لڳو...

---



ٿي ويو. ڪاٺير پوءِ خالي ديگڙو کڻي ٿيو گهر راهي. سندس ڀاتي جن سڄا سارا ٻارهن مهينا ڪاٺيون ڍويون هيون، سي سندس واٽ واجهائي رهيا هئا ۽ هن کي پري کان ئي ديگڙو مٿي تي ڏسي، گڏ گڏ ٿيڻ لڳا. ننڍڙا ٻار ته ڊوڙي اچي هن کي چنبڙيا. آخر ڪاٺير اچي گهر پهتو ۽ خالي ديگڙو اچي گهر وارن جي اڳيان لاهي رکيائين. سڀئي ڀاتي حيرت ۾ پئجي ويا ته هي وري ڇا ٿيو؟ ڪاٺير چيو ته: غم نه ڪريو هي ديگڙو ستن ڏينهن جي هڪڙي بکئي فقير کي خيرات ڪري آيو آهيان. ٻاهر وري ڪاٺيون ڪري پيو ديگڙو تيار ڪرائي وٺندا سين.

ٿورا گهڻا ڏينهن گذريا ته ان ملڪ جو بادشاهہ گذاري ويو. بادشاهہ کي اولاد هوئي ڪونه، سو مرڻ مهل وصيت ڪري ويو ته صبح جو سوير سنهنجو جنازو کڻجو، ۽ جيڪو



هڪ دفعي سڄي ملڪ جا ماڻهو گڏجي بادشاهه وٽ لنگهي ويا، ۽ عرض ڪيائونس ته: وڏيڪ هيءُ ظلم ملڪ ڪان سٺو ڪونه ٿيندو، تنهن لاءِ ڪو تدارڪ ٿئي، نه ته ملڪ ۾ بغاوت ٿي پوندي! پوءِ ڏينهن ڪانئير بادشاهه پڙهو گهمايو ته اڄ اسان جو وڏو شهزادو، درياءَ ۾ گهڙندو، پوءِ ڏينهن ٻيو شهزادو، ٽئين ڏينهن ٽيون— ۽ اهڙيءَ طرح جيستائين اسان جا شهزادا سلامت آهن تيستائين اهي ئي راڻيءَ ڪي اهو تماشو ڏيکاريندا! راڻيءَ ڪي جڏهن بادشاهه جي هن حڪم جي خبر پيئي، تڏهن زار زار روئي اچي هن جي پيرن تي ڪري ۽ عرض ڪيائين ته: هاڻي اهو حڪم رد ٿئي ته اڳتي ڪوبه ماڻهو درياءَ ۾ نه اڇلايو وڃي، جيڪي ماڻهو درياءَ ۾ مئا آهن، انهن جو خون بها سنهنجن هيرن جواهرن ۽ زر زيورن ڪي ڪپائي ادا ڪيو وڃي— آئندي مرڻ گهوڙيءَ تائين ڪوبه

زر زيور نه پائينديس! ڪائير بادشاهه ٻوءِ رائيءَ جو چوڻ وٺي پنهنجو حڪم رد ڪيو ۽ رعيت سان اهڙي عدل انصاف سان هليو، جو سڄي عمر سڀڪو ڪيس دعائون ڪندو رهيو.

ٿي ويو. شهزاديءَ چا ڪيو جو ان ۾ ڇوڏا وجهي حڪم ڪيو ته: صبرشهزادي کي هن پاڻيءَ سان وهنجاريو وڃي. خدا جي قدرت جو ٿوريءَ دير ۾ شهزادي جي طبيعت بدلجي وئي. مٿان وري شهزاديءَ پڳيءَ جون ورڻيون گهوٽي ان سان سلم ٿاهي صبرشهزادي جي ڦٽن تي رکيو، جنهنڪري هو جلدئي تندرست ٿي پيو.

ٻن چئن ڏينهن کان پوءِ صبرشهزادي، شهزاديءَ کي پاڻ وٽ گهرائي چيو ته: گهڻ، جيڪي گهرڻو اٿئي. شهزاديءَ چيس ته: پهرين انجام ڏي. صبرشهزادي انجام ڏنس. اتي شهزاديءَ چيس ته: مون سان گڏجي هل. صبرشهزادو ڪاوڙ ۾ ٽپي ياهر ٿي ويو ۽ چيائينس ته: انهيءَ ڳالھ، تان لهي وڃ، منهنجي اڳي ئي شادي ٿيل آهي، جنهنڪري آءٌ توسان نه هلندس. انهيءَ تي شهزاديءَ چيس ته: شهزادا! آهيا آءٌ ئي آهيان جنهن کي چئي آيو هئين ته مونکي ڳولي لهج، هاڻي مون توکي ڳولي لڌو آهي. ائين چئي گيڙورتا ڪپڙا لاهي، پنهنجا ڪپڙا پهريائين، تڏهن صبرشهزادي سڃاتس. پوءِ شهزاديءَ کيس سڄي ڳالھ، ڪري ٻڌائي ته ڪهڙيءَ طرح سندس پيئرن ساڻس دولاب ڪيو هو. اتي صبرشهزادو به تمام خوش ٿيو. نيٺ سيئي ڳالهيون وساري خوش گذارڻ لڳا.

## ١٥- شهزادو، وزيرزادو، لوهر ۽ ڪتي *

هڪڙو هو بادشاهه، جنهن کي هڪڙو سڪيلڌو شهزادو هوندو هو. شهزادي جي وري وزيرزادي، لوهر ۽ ڪتي سان دوستي هوندي هئي. چئني دوستن جي پاڻ ۾ ايتريقدر پريت هوندي هئي، جو جيڪڏهن انهن مان ڪنهن به هڪ تي ڪا مصيبت ايندي هئي، ته هرهڪ دوست ڪوشش ڪندو هو ته اها مصيبت منهنجي بدران ڪنهن دوست تي نه اچي، مگر مون تي اچي. هڪڙي ڏينهن هڪڙو پيو ماڻهو به انهن جي سنگت ۾ شامل ٿيڻ لاءِ آيو. هنن جي مرضي ڪانه هئي ته ڪو ڌاريو ماڻهو هنن جي سنگت ۾ اچي، ڇاڪاڻ ته ڪيتريون ئي ڳجهيون ڳالهيون هو پاڻ ۾ ڪندا هئا، ۽ ڪنهن کي به پنهنجي دل جو انت نه ڏيندا هئا. پر لاچار هن پنجين ماڻهوءَ کي به شهزادي جي چوڻ تي ڪٽي پنهنجيءَ سنگت ۾ شامل ڪيائون.

هڪڙي ڏينهن وزيرزادي، شهزادي کي چيو ته: هن ڌارئي ماڻهوءَ کي سنگت مان ڪڍڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته اسان جون پاڻ ۾ ڪيتريون ئي ڳجهيون ڳالهيون آهن. متان ڪنهن دشمن هن کي اسان جي مٿان جاسوس ڪري مقرر ڪيو هجي، ۽ اسان جو راز ڪٿي ظاهر نه ڪري وجهي، تنهنڪري هن اوپري ماڻهوءَ کان پاڻ کي گوشو ڪرڻ کپي. تنهن تي شهزادي چيس ته: ادا! اها اسان جي وڏي ڀل چئبي جو هڪڙي غريب ۽ اشراف ماڻهوءَ کي پنهنجي مجلس مان ڪڍي ڇڏيون. هيءُ غريب ته اسان جو دوست

---

* هيءَ ڳالهه اتر (تعلقي قنبر) مان غلام نبي کان ملي.

بادشاهه، پوءِ شهزادي ۽ ان جي چئن يارن کي وڏا وڏا انعام ڏيئي چيو ته: دوستي بيشڪ توهان جي سچي چئبي. توهين بيشڪ هڪٻئي سان وفادار آهيو.



... ڪوتوال جي پٽ چيو ته: وزيرزادي! چار لعلون سون وٽ به
آهن، اوهين چئو ته ٻوءِ ڪٿي حال انهن جو ٿي سوجهرو ڪريون...

چئي ڏنائين ته: وزيرزادي! چارلعلون مون وٽ ۽ آهن، اوهين چئو ته پوءِ ڪٿي حال انهن جوئي سوجهرو ڪريون؟ وزيرزادي اهو ٻڌي ڏاڍي خوش ٿي، ۽ چيائين ته: ڀلي، لعلون ڪڍي ڪز ٻاهر ته في‌الحال سوجهرو ٿئي. جيئن ئي ڪوٽوال جي پٽ پنهنجي چيله مان لعلون چوڙي ٻاهر رکيون، تيئن وزيرزاديءَ جهٽ هٿي لعلون ڪٿي سوگهيون ڪيون ۽ ٻانهيءَ کي حڪم ڪيائين ته: هن کي ۽ ڏڪا ڏيئي هيٺ چڏي اچ! پوءِ وزيرزاديءَ چارئي لعلون وڃي پنهنجي پيءُ کي ڏنيون.

صبح جو وزير چارئي لعلون آڻي بادشاهه کي ڏنيون. جنهن وري انهن چئني يارن کي هڪ هڪ ڪري ورهائي ڏنيون. چئني دوستن مان ڪنهن کي ۽ سڌ ڪانه پيئي ته اهي لعلون ڪهڙي يار وٽ لڪل هيون. اهڙيءَ طرح هنن چئن يارن جون ”لعلون ۽ لڏيون ۽ پريت ۽ رهجي آئي“.

ايترو چئي وزير ڏانهن ڏٺائين، جنهن چيو: هائو سائين. تڏهن وڏيري اُڪتي چيو ته: بادشاهه سلامت! وزير اهو قلم گهر ۾ هنيو. جڏهن ان قلم جي ڦٽڻ جو وقت ٿيو، تڏهن وزير ان جو پاڻي بند ڪري ڇڏيو. هاڻي منهنجو داد ٿئي. بادشاهه وزير ڏانهن نهاريو. وزير وري به ڪنڌ هيٺ ڪري ڪاوڙ سان جواب ڏنو ته: سائين! هي شخص جيڪي چئي ٿو، سو سچ آهي. سون جڏهن ان وڻ هيٺان شينهن جو پير ڏٺو، تڏهن اچي خوف ٿيم، پوءِ برابر ان وڻ جو پاڻي بند ڪري ڇڏيم، انلاءِ ته پلي اهو وڻ سڪي وڃي.

بادشاهه، وزير جو اشارو سمجهي ويو. هاڻي هو ڪهڙيءَ طرح وزير جي دل تان شڪ لاهي. آخر ٿوري دير ترسي وڏيري کي چيائين ته: اڄ تنهنجي ماني اسان وٽ آهي، پرچيستائين ماني تيار ٿئي تيستائين اچو ته چوپڙ راند ڪريون. وڏيري عرض ڪيو ته: سائين! چوپڙ راند ۾ چار ڄڻا کپن. پاڻ فقط ٽي آهيون. ان ڪري منهنجي صلاح آهي ته راند هلي وزير جي محلات ۾ ڪريون. بادشاهه هن جي صلاح تي آمنا چئي اٿي کڙو ٿيو. وڏيري، وزير کي اشارو ڪيو ته ”تون اڳ ۾ هلي تياري ڪر“. وزير اڳواٽ اچي سمورو بندوبست ڪيو ۽ پنهنجيءَ زال کي به ٻڌايائين ته بادشاهه هتي چوپڙ راند ڪرڻ لاءِ اچي ٿو. وزير جي زال يڪدم هارسينگار ڪري تيار ٿي ويٺي. وزير کي زال جي هارسينگار هيڪاري شڪ ۾ وجهي ڇڏيو، سو غيرت وچان زال کي مارڻ تي هو ته بادشاهه ۽ وڏيرو اچي محلات ۾ گهڙيا. وزير پنهنجن ئي خيالن ۾ ٻڏي ويو ته اڄ هي ٽي ڄڻا، آءٌ هڪڙو، موت ضرور مٿي تي آهي.

وڏيري ڏيءَ کي چيو ته: اما! چوپڙ کڻي اچ ته راند ڪريون. ڇوڪريءَ چوپڙ کڻي آڻي وچ تي رکي. وڏيرو ۽ سندس ڌيءَ سامهون ويٺا، بادشاهه ۽ وزير هڪٻئي کي سامهون

ويٺا. ڇوڪريءَ چوپڙ پڪيڙي، ته وڏيري يڪدم ڏارا هٿ ۾ ڪٽي ڇيو ته:

مون ڏٺي هئي وٿ، پر تنهن مان ڪڍيئون ڪچ،
ڍرڙي ڏارا! ڏي ڪا حال حقيقت.

ڏارو سولو پيو، ساري آزاد ٿي ۽ وڏيرو ڇال هليو. ان ڪان پوءِ





# ١٨- عقلمند ڇوڪري*

هڪڙو بادشاهه چانڊوڪيءَ رات ۾، محلات جي اڱڻ ۾ ستو پيو هو. خواب لڌائين ته هڪڙيءَ ٽالهيءَ ۾ باغ بنيل آهي، ان باغ ۾ ڪيترائي گل ۽ ميوا آهن، هڪڙو آرائين آهي جو انهيءَ باغ مان گل ۽ ميوا، ڪچا توڙي پڪا پيو پٽي، ڪيس روڪڻ وارو آهي ئي ڪونه. بادشاهه ڇرڪ ڀري ننڊ مان سجاڳ ٿيو. وڏي ويچار ۾ پئجي ويو، ۽ لڌل خواب کي دل ۾ هنڊائڻ لڳو. پڇ پڇائيندي مٿان اچي صبح ٿيو. بادشاهه ڏندڻ پاڻي ڪري، جڏهن دربار ۾ آيو تڏهن پنهنجن وزيرن سان خواب جي ڳالهه ڇوريائين ۽ کين حڪم ڪيائين ته: جلدي خواب جو تعبير ٻڌايو. وزير ويچارا شش پنج ۾ پئجي ويا ته خواب جو تعبير ڪهڙي نموني ڪريون! ٿوري ساعت رڳي بادشاهه هنن کان پڇا ڳاڇا ڪئي، پر ڪنهن به وزير خواب جو تعبير ڪونه ٻڌايس، جنهن تي بادشاهه کي ڏاڍي

* هيءَ ڳالهه اتر (تعلقي ڪڪو) مان احمد خان "آصف" کان ملي.

چڏيو ۽ جنهن جو مطلب اهو هو ته سوريءَ تي پڏنديون.
بادشاهه سلامت! انهيءَ پڪ پڪائيءَ ڪان پوءِ سوداگر جي
زال هار سينگار ڪري آئي، ۽ اسان ٻنهي چڻن ساري رات
رهاڻ ۾ گذاري. بادشاهه پڇيس ته: پوءِ اها ڳالهه تو سون
سان ڇو ڪئي؟ ڇوڪري ورندي ڏني ته: هائو سائين! جنهن
وقت توهان جا ساٿهو سونکي ڦاسي ڏيڻ تي هئا، ته اوچتو اها
ساڳي ٻانهي ڊوڙندي آئي ۽ سگن جي لٽپ سنهنجي پيرن ۾ اڇلائي،
ڪير جو وٽو اڳيان هاري هلي ويئي، جنهن جو مطلب هيءُ
هو ته سوداگر جي زال چوائي موڪليو ته: وات ۾ سگ
چو پيا اٿئي؟ اچي ڪير جهڙي ڳالهه ڪري ڏي! سو بادشاهه سلامت!
جي پاڻ اها اجازت نه ڏئي ها، ته آءٌ ڪڏهن به اها ڳالهه توهان
کي نه ٻڌايان ها ... ڦاسيءَ چڙهي وڃان ها پر ڳالهه سنهنجي پيٽ
۾ هجي ها.

بادشاهه سگن ۽ ڪير واڙو قصو پنهنجي سپاهين ڪان
پڇيو، جن ٻه شاهدي ڏني. پوءِ بادشاهه، ڇوڪري کي
چيو ته: اڙي ڇوڪرا! برابر تو تڪي ۾ عشق ڪمايو ۽ تون
واقعي عقل وارو آهين، اڄ ڏينهن ڪان پوءِ تون سنهنجي خاص
ساٿهن ۾ شامل آهين. ائين چئي هن کي گهڻوئي انعام ڏيئي
روانو ڪيائين.

مطلب هيءُ ٿيو تہ هن چيو تہ سپاهين کي سهرون ڏيئي جند ڇڏاءِ. مون جواب ڏياري موڪليو مانس تہ هي سهرن نان راضي نہ ٿيندا، چاڪاڻ تہ بادشاهہ کان ڊڄن ٿا. تنهن تي هن سڱ ۽ ڪير موڪليو، جو سندس نوڪرن آڻي پنهي پاسن کان هاريو. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ: هن چوائي موڪليو تہ وات ۾ سڱ چو پيا اٿيئي، ڪير وانگر اچي ڳالهہ ڪري ڏي! پوءِ مون سپاهين کي چيو تہ بادشاهہ وٽ وٺي هلو، چو جو ڳالهہ کولي ٻڌائڻ جي اجازت ملي ويئي اٿم. سو بادشاهہ سلامت! انهيءَ نموني ۾ ڏکي ڏتي.

ايتري ۾ وزيرزادي جي ٻانهي بہ سهڪندي سهڪندي اچي دربار ۾ پهتي، ۽ بادشاهہ کي چيائين تہ: بادشاهہ سلامت! وزيرزادو رات الاجي ڪيڏانهن گم ٿي ويو آهي. تنهن تي وزير ڪڏم چيس تہ: انڌي! ڏسين نٿي هو وزيرزادو بيٺو آهي! ٻانهيءَ رڙ ڪري چيو تہ: هائو هائو، هيءُ ئي وزيرزادو آهي! اتي بادشاهہ جا ٽپ ٽري ويا. تنهن تي وزير ياد ڏياريس تہ: بادشاهہ سلامت! ڪيئن ٿا ڀانيو، علم وڏيڪ يا عقل؟ بادشاهہ پنهنجي هار مڃي، وزير کي ڪٽي ڀاڪر پاتو. پوءِ وزيرزادي جي شادي، سوداگرياڻيءَ سان نهايت ڌام ڌوم سان ڪرائي، کين دولت سان ڍئي ڇڏيائين.

پوءِ وزير جي دوستن کي گهرائي، ڏاڍا انعام اڪرام ڏيئي خوش ڪيائين، ۽ پاڻ به آنهن سان دوستي گنڍيائين. تنهن کان پوءِ آن عورت کي گهرائي، تمام بيعزتو ڪري شهر نيڪالي ڏيئي ڪڍي ڇڏيائين. اهڙيءَ طرح وزير شرط کٽي، جنهنڪري انجام موجب بادشاهه پورا ڇهه مهينا پلنگ تي نه سُتو.

---

تہ ڪچريون پيون ڪُسن، ٻڪريون پيون نچن. ڏاڳ ڏڳڙيءَ جو ٽڪاءُ پيو ٿوي، ٻوڙ پلاءَ جا ڪڙيا ٻيا وهن، رڪ ٻچ تي تہ چٽيپ پيٽ ٻه. ڪاج خير سان پورو ٿيو. ڪالهہ ڏ ٿاسين تہ ڏاڍا خوش ويٺا هئا.

---

سوداگر دوست کان موڪلائي، وري به وزيرجي محلات وٽ آيو ۽ هميشه وانگر ڪمند اڇلائي، هيڏانهن هوڏانهن نهاري، ٽپي محلات ۾ هليو ويو. اندر وڃي ڏسي ته وزيرزادي ننڊ ۾ سُتي پيئي آهي. هن دل ۾ خيال ڪيو ته منهنجي حياتي شايد اڄوڪي رات آهي، سو ڪيئن نه محبوب کي جاڳائي، کيس سربستو احوال ٻڌايان. اهو خيال ايندي ئي سُڏڪا ڀرڻ لڳو. سندس ڳوڙها جڏهن وزيرزاديءَ جي ڳل تي ڪريا، تڏهن هو يڪدم ٽپ ڏيئي اٿي ويهي رهي ۽ کيس روئندي ڏسي پڇڻ لڳس ته: اي محبوب! اڄ تنهنجي دشمنن جي اکين ۾ ڇو ڳوڙها ڀرجي آيا آهن؟ مان ته تنهنجو انتظار ڪندي ڪندي هينئر اڃي ليٽي آهيان. اڄ ايتري دير ڇو ڪيئي؟ سوداگر چيس ته: دلبر دوست! مون سان به اهائي حالت آهي. جڏهن توکي مون کان سواءِ هڪ پل به آرام نٿو اچي، ته مان وري توکان سواءِ ڪيئن سک سمهندو هوندس؟ ايترو چئي سوداگر وري سُڏڪا ڀرڻ لڳو. تڏهن وزيرزاديءَ ڏک ۾ ڀرجي پڇيس ته: مٺا! اڄ ايتري پريشاني ڇو آهي؟ تڏهن سوداگر پنهنجي پڪڙجڻ جي سچي حقيقت ٻڌائي چيس ته: منهنجي حياتي باقي اڄوڪي رات آهي، صبح جو شايد مونکي ڦاسيءَ جي سزا ملي. اها ڳالهه ٻڌي وزيرزاديءَ کي ڏاڍو ڏک ٿيو. هوءَ به روئڻ لڳي. آخر سوداگر کي چيائين ته: محبوب! توکان سواءِ منهنجو جيئڻ به محال آهي، جيڪڏهن سڀاڻي توکي ڦاسي اچي ويئي، ته پوءِ آءٌ به هن ڪوڙيءَ دنيا ۾ توکان سواءِ هڪ پل به نه جيئان! ڪجهه وقت ته ٻئي ڄڻا ڳراٽڙي پائي روئندا رهيا. جڏهن روئي دل جو بار هلڪو ڪيائون، تڏهن وزيرزاديءَ اٿي وضو ساري ڪلام پاڪ جي تلاوت ڪئي ۽ ڌڻيءَ تعاليٰ کان دعا پنڻ لڳي ته: اي پالڻهار! تون دلين جو مالڪ آهين، توکي سڀ خبر آهي ته اسان جي پاڻ ۾ سچي محبت آهي، هاڻي منهنجو محبوب پرتو اٿئي.

جي خبر هئي. بادشاهه هن جي بهادريءَ تي ڏاڍو خوش ٿيو. اتي بادشاهه، وزير کي چيو ته: ڪارڻ ڪپڙن واري هن بهادر جي منهن تان نقاب لاهي ڏس. وزير جان؟ نقاب ڪٽي ڏسي ته سندس ڌياڻي! حيرانيءَ ۾ پئجي ويو.

بادشاهه وزير کي فڪرمند ڏسي چيو ته: وزير! فڪر نه ڪر، مان توکي جيئن چوان تيئن ڪر، ڇو ته مون کي سڄيءَ حقيقت جي خبر آهي. اهو قاسيءَ تي چڙهندڙ نوجوان ۽ تنهنجي ڌيءَ ٻئي سچا عاشق آهن، مون سندن آزمودي لهڻ لاءِ هيءَ اٽڪل ڪئي هئي. هاڻي اهو سوداگر ڇوڪر ته سنهنجو پٽ آهي. تنهنڪري تون هتي ئي قاضيءَ کي گهرائي، هنن جو نڪاح پڙهائي، سندن شادي اتي جو اتي وڏي ڌام ڌوم سان ڪئي وڃي.

وزير کي به بادشاهه جي صلاح ڏاڍي وڻي، سو يڪدم قاضيءَ کي گهرائي، اتي ئي ميدان ۾ ٻنهي ڄڻن جو نڪاح پڙهائي، ڏاڍي ڌام ڌوم سان سندن شادي ڪرايائين. جيڪي ماڻهو قاسيءَ جو نظارو ڏسڻ آيا هئا، سي سڀ اهو حال ڏسي، ڳائڻ وڄائڻ ۽ ناچ ڳائي ۾ لڳي ويا. اهڙيءَ طرح ڏٺي پاڪ هنن ٻن سچن عاشقن جو ميلو ڪيو. ڪالهه ڏکاسين ته محلات ۾ خوش ويٺا هئا.

آخرڪار ڇوڪري ملوڪزاديءَ کي چيو ته: هاڻي مونکي موڪل ڏي، جو آءٌ پنهنجي گهر وڃان. تڏهن ملوڪزاديءَ هن کان گهر گهاٽ جو پتو پڇيو. ڇوڪري ٻڌايس ته: فلاڻي هنڌ منهنجو گهر گهاٽ آهي. اتي ملوڪزاديءَ کي ڏاڍو عجب لڳو ۽ چوڻ لڳي: مار، توُن روزانو ايترو پنڌ ڪري ايندو آهين؟ تڏهن ڇوڪري چيس ته: سچو سائين! سڪ کي پنڌ آهي ئي ڪونه. پوءِ وري ملوڪزاديءَ پڇيس ته: ڀلا مون روز توڏانهن موتي پئي اُڇلايا، سي آتي ڇڏي تو روز وڃي ٿي لڪو ڪمايو، سو ڇو؟ ڇوڪري چيس ته: اهو ان ڪري، جو محبت جو ملهه ئي ڪونهي!

اهڙيءَ طرح هنن کي روزانو گڏجندي ڪي سال گذري ويا، پر جڏهن به ملوڪزادي هن کي چوندي هئي ته: هي موتي وٺ! ته هو اهوئي چوندو هو ته: محبت جو ملهه ئي ڪونهي! وري چوندي هيس ته: ڀلا اچوڪا چار پهر ترسي پؤ! ته هو چوندو هئس ته: سڪ کي پنڌ آهي ئي ڪونه... سياڻي وري ايندس.

هتان ڪجھ پرڀرو هڪ درياءُ اٿئي، اُن ۾ هڪ لاش لُڙهندو پيو اچي. تون اُن لاش جي ڇيچ مان منڊي لاهي، اچي هن وڻ جي پاڙ کي هڻ ته هن ۾ هڪڙي دري ٿي پوندي، جنهن جي اندر ستن بادشاهن جو خزانو پوريل آهي. زال پکين جي ڳالھ ٻڌي، مڙس جو ڪنڌ آهستي ڪري گوڏي تان لاهي، اٿي درياءَ ڏانهن رواني ٿي. پٺيان اتفاق سان سوداگرزادو به جاڳي پيو، تنهن جو زال کي ويندو ڏٺو، سو يڪدم اٿي هن جي پٺ ورتائين.

سوداگرزادي جي زال جڏهن درياءَ جي ڪنڌيءَ تي پهتي، تڏهن ڏسي ته برابر هڪڙو لاش لڙهندو اچي. جڏهن اهو لاش ويجهو آيو، تڏهن پاڻيءَ ۾ گهڙي اُن کي ٻاهر ڪڍيائين، پوءِ اُن جي ڇيچ مان منڊي لاهڻ لڳي. پر منڊي



ڇيچ ۾ سوگهي قابل هئي، تنهنڪري اچان چڪ وجهي ڪڍي لاٿائين ته ايتري ۾ سوداگرزادو به اچي ويجهو پهتس. سوداگرزادي

منھنجي سارا ھہ ڀڏي، مونکي سگ ڏيڻ لاءِ منٿون ڪيون، پر مون ڪنھن کي بہ مُنھن ڪونہ ڏنو، آخر پنھنجي منھن وچي ھڪڙي وڏي بادشاھہ جي ڌيءَ سان شادي ڪري آيو آھيان! آتي زال کان بہ رھيو نہ ٿيو، سو سوداگرزادي کي سڄي ڳالھہ ڪري ٻڌايائين، ۽ آھي ڪپڙا جيڪي ٺاٺار ڪي دڪان تي پھريل ھئس، سي بہ ڪڍي ڏيکاريائينس. اھا حقيقت ٻڌي ۽ پنھنجا ڪپڙا ڏسي، سوداگرزادي شرم کان ڪنڌ ڪٽي ھيٺ ڪيو. سوداگر جي پيءُ جڏھن ھيءُ قصو ٻڌو، تڏھن عجب ۾ پئجي ويو، ۽ پٽ کي چيائين تہ: پُٽ! ھيءُ اُٿي منھنجي اکوٽي نُنھن، جنھن توکي ھيترين مصيبتن مان بچايو ۽ خير سلامتيءَ سان ھتي پھچايو، نہ تہ سرڳو سير وڃئي ھا. آتي سوداگرزادو ويتر شرمسار ٿيو ۽ زال کان آٿي معافي ورتي لڳو.

ڪي ڏينھن تہ ھنن جا اُئين خوشيءَ سان گذري ويا. پوءِ ھڪڙي ڏينھن سوداگرزادي جي زال، سڙس ۽ سھري کي ساڻ ڪري، وڻ جي ٿڙ ۾ پيل خزانو ڪڍائي، کٽي آئي، ۽ پوءِ حياتيءَ جا باقي ڏينھن ڏاڍن مزن ۾ گذارڻ لڳا.

## ٢٦- جاڳڻ ڪم جوان جو*

ڪنهن ملڪ ۾ هڪڙو سوداگر رهندو هو، جنهن جو پري پري تائين واپار هلندو هو. ان سوداگر وٽ اولاد سان گڏ دولت جي به ڪمي ڪانه هئي. سندس وڏا پٽ ڪانئس جدا، پنهنجي سر پيا واپار ڪندا هئا- رڳو هڪڙو ننڍو پٽ هو، جيڪو هن سان گڏ رهندو هو. جڏهن اهو ڇوڪرو جوان ٿيو، تڏهن سوداگر خيال ڪيو ته هن کي به سوداگريءَ جي پورهئي تي هيرايان. اهو خيال ڪري هن ڪيترو ئي سامان کڻي ڪري پٽ کي ڏنو، ته وڃي ٻين شهرن ۾ واپار ڪري اچي. ڇوڪرو سوداگريءَ جو سامان کڻي، نوڪر چاڪر ساڻ ڪري، سفر تي روانو ٿيو.

ڪن منزلن کان پوءِ، هڪڙيءَ منزل تي سوداگرزادي وٽ هڪڙو فقير آيو، جو هن کي هڪڙي سونهري تختي ڏيکاريائين. سوداگرزادي کي اها تختي ڏاڍي وڻي ويئي، سو فقير کي چيائين ته: اي درويش! اها تختي سونکي ڏي، آءٌ جي بدران جيڪا به قيمت گهرندين، سا توکي ملندي. فقير چيس ته: اي سوداگرزادا! تون هن تختيءَ جي قيمت ڏيئي ڪونه سگهندين، تنهنڪري انهيءَ ڳالهه تان لهي وڃ. سوداگرزادي کي تختي بنهه وڻي ويئي هئي، سو چيائينس ته: آءٌ هرڪا قيمت ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. آخر جڏهن هي هٺ تان نه لٿو، تڏهن فقير چيس ته: تون پنهنجي سوداگريءَ وارو اهو سڀ سامان سونکي ڏي ته پوءِ تختي ڏيانءِ. سوداگرزادو زبان ڪري ويٺو

---

*هن ڳالهه جون به روايتون، وڇولي (تعلقي شهداد پور) مان مير محمد "سڪايل" ۽ لاڙ (تعلقي ٽنڊي) مان عبدالله گندري کان مليون.

ٻاهران ٿي منزل ڪيائين، ۽ پنهنجي پيءُ ڏانهن نياپو ڏياري موڪليائين. پٽس، جو منزل جي اهڙي ٿاهر ٿوهر، ڏٺي ۽ ايترا نوڪرچاڪر ڏٺا، سو پهرين ته اعتبارئي نه پيو اچيس ته ڪو واقعي اهو قافلو سندس پٽ جو ٿي سگهي ٿو؛ پر پوءِ جڏهن پٽ کي اکين سان ڏٺائين، تڏهن خوشيءَ ۾ وڏي اچي ٻاکر پاتائينس ۽ ڏاڍيون دعائون ڪيائينس. ٻائرن جو هن جو هيڏو بخت ڏٺو، سي به مڙئي اچي ٻرسان ٿيڻس. اهڙيءَ طرح چوڪري تيءَ پيءُ به راضي ٿيو ۽ ٻائر به وري هن جا ٿي پيا... پوءِ هو وري سڀئي گڏجي گذارڻ لڳا ۽ حياتيءَ جا باقي ڏينهن ڏاڍا سکيا آسودا گذاريائون.

سمورا ڀاتي سڄاڳ ٿيا، ۽ هڪبئي سان ملي ڏاڍي خوشي ڪيائون.

ٿوري گهڙي ڏينهن، هو سڀني ڀاتين کي وٺي، وري وڃي بادشاهيءَ پهتو ٿيو، ۽ صهري جي گذاري وڃڻ تي، سڄي تخت بخت جو مالڪ ٿي، ڏاڍي انصاف سان حڪومت هلائڻ لڳو.

—

پوءِ چارئي شهزادا، قاضي کان موڪلائي پنهنجي ملڪ موٽي آيا، ۽ پڪ وارو شهزادو تخت تي ويٺو. باقي ٽن ڀائرن مان هڪڙو هن جو وڏو وزير، ٻيو خزاني جو ڪنجيدار، ۽ ٽيون لشڪر جو سپه سالار ٿي ويٺو— اهڙيءَ طرح چارئي ڀائر پنهنجو راڄ ڀاڳ سنڀالي ويهي رهيا. ڪالهه ڏٺاسون ته چارئي ڀائر گڏيا، گهوڙن تي چڙهيو شڪار ڪرڻ پئي ويا.

## ٢٩- سؤ گھوڙن وارو سوداگر*

هڪڙو هو بادشاهہ، جنهن کي اچي شوق ٿيو تہ هڪ رنگا گھوڙا گڏ ڪجن. سو پنهنجي وزير کي حڪم ڪيائين تہ: هڪ رنگ جا هڪ سؤ گھوڙا وٺي اچ، ۽ جيڪو بہ خرچ ٿئي، تنهن جي توکي اجازت آهي. وزير، گھوڙن جي ڳولا ۾ گھمندي گھمندي اچي هڪڙي سوداگر سان ملاقاتي ٿيو، جنهن وٽ هڪ سؤ سرخا گھوڙا بيٺل هئا. وزير هن کي ٻڌايو تہ: بادشاهہ سلامت کي ساڳئي رنگ روپ جا گھوڙا گھرجن... تو وٽ اهڙا گھوڙا بيٺل آهن، آهي ڏي تہ ڪاهي وڃان— انهن جي عيوض جيڪا بہ قيمت وٺندين، سا ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. سوداگر چيو تہ: اي وزيرا! هي گھوڙا ائين ئي بيڪار بيٺا منهنجو خرچ کائين. تنهنڪري آهي سڀ بادشاهہ کي سوکڙيءَ طور ڏيڻ ٿو چاهيان— انهن جي قيمت اصل نہ وٺندس. وزير آهي سڀ گھوڙا ڪاهي، اچي بادشاهہ جي خدمت ۾ پيش ڪيا، جن کي ڏسي هو ڏاڍو خوش ٿيو.

ڪجھہ ڏينهن گذرڻ کان پوءِ تقدير الاهي سان اهو سوداگر ڪنگال ٿي پيو. اهڙو ڪنگال ٿي ويو جو کائڻ لاءِ بہ نہ رهيس. آن وقت اها ڳالهہ ياد آيس تہ، فلاڻي بادشاهہ کي سؤ گھوڙا بنا پئسن جي سوکڙيءَ طور ڏنا هئم— ان وٽ وڃان، من ڪا مدد ڪري! اهو خيال ڪري اچي وزير سان مليو ۽ کيس سمورو احوال ٻڌايائين. وزير کيس مدد ڪرڻ جو واعدو

* هيءَ ڳالهہ اتر (تعلقي روهڙي) مان عبدالرزاق ميمڻ کان ملي.

وارو وريئي— تنهنڪري اها انڪل ڪئي ته تون مڃ وٺي، واڻ ٺاهي وڪڻين. جيستائين توتي ٻياڪ جو اثر هو، تيستائين پئي نقصان پيو، جڏهن ڏٺم ته هاڻي تنهنجو پاڪ سٺائو ٿيو آهي، ۽ جنهن ڪم ۾ هٿ وجهندين تنهن مان فائدو ئي فائدو ٿيندو، تڏهن توکي چوان ٿو ته جيڪي گهرڻو اٿئي سو گهُرا اها سموري حقيقت ٻڌي سوداگر، بادشاهه جو تمام شڪرگذار ٿيو ۽ چيائين ته: بادشاهه سلامت! جيڪڏهن هاڻي منهنجو پاڪ وريو آهي، ته الله تعالى اڳتي پنهنجي مان ئي گنج ڪري ڏيندو. آءٌ اوهان جي هاڻي مدد وٺڻ نٿو گهران. ايتري ۾ سوداگر ڏانهن قاصد آيو ته: اوهان جو سامان سميت جيڪو جهاز تواڻي ٿي ويو هو، سو لڌو آهي. ٿوريءَ دير بعد وري ٻيو قاصد آيس ته: فلاڻي حساب ۾ ليکي جي چڪ هئي، جا لڌي آهي، آن مان تنهنجا هيترا پيسا وريا آهن. مطلب ته سوداگر لاءِ رنگ لڳي ويا. پوءِ بادشاهه ۽ وزير کان موڪلائي، پنهنجي ملڪ ڏانهن موٽيو، ۽ وري پنهنجي ڪاروبار کي لڳي ويو.

## ٣٠. ساموَنُ سوداگر*

ساموَن نالي هڪڙو سوداگر ڪنهن ولايت ۾ رهندو هو، جنهن کي ٻه جوان پٽ هئا. ٻنهي جي شادي ڪيل هئي، پر ننڍي جي زال تمام سهڻي هئي، جنهن جي هاڪ ٻين ملڪن ۾ پکڙيل هئي. هي ٻئي زال مڙس ٻه هڪٻئي تي آڪن چڪس هوندا هئا، ۽ وسئون هڪٻئي کان جدا نه ٿيندا هئا. هڪڙي ڏينهن ساموَن سوداگر، پنهنجي ٻنهي پٽن کي سڏائي چيو ته: بابا! الله جي فضل ڪرم سان پنهنجي گهر ۾ مال ملڪيت سڀڪجهه آهي، ايتري قدر جو اوهان جي سڄي ڄمار لاءِ ڪافي آهي، پر تڏهن به ڪاڏي ڪوهه ڪنيو وڃن، تنهنڪري منهنجي صلاح آهي ته ڪا اهڙي ڪيرت شروع ڪريو، جنهن سان ڪجهه آپراسو به ٿئي. اها ڳالهه ٻڌي ننڍي پٽ دل ۾ خيال ڪيو ته بابو سچ ٿو چوي، سو هڪدم پارهن غوراب ڪٺوريءَ سان ڀرائي، ڏورانهن ملڪن ڏانهن واپار لاءِ روانو ٿي ويو.

ڪجهه ڏينهن جي سفر ڪاٽ پوءِ، هن جي غورابن وڃي ڪنهن ملڪ جي ڪناري سان لنگر هنيو. انهيءَ ملڪ جي بادشاهه کي جو خبر پيئي ته ڪي جهاز ڪٺوريءَ سان ڀرجي آيا آهن، سو پنهنجي وزير کي موڪليائين ته سودو ڪري اچي. جڏهن ٻئي ڌريون واپار ۾ لهي آيون، تڏهن سوداگرزادو آهي سڀ جهاز ڪٺوريءَ جا بادشاهه کي وڪرو ڪري، پنهنجي

---

* هيءَ ڳالهه لاڙ (تعلقي ٽني) ۾ ملان عبدالله گندري کان ملي.

هڪڙي طوطي ۾ آهي، جو هڪڙي پڃري ۾ بند ٿيو پاهر ٽنگيو پيو آهي. انهيءَ ڳالهه جي ڪنهن بني بشر کي خبر ڪانهي، تنهنڪري تون ڪنهن به قسم جو الڪو نه ڪر. سوداگرزادي جي زال اهو ٻڌي ماٺ ڪري سمهي رهي. جڏهن صبح ٿيو ۽ ديو شڪار جي لاءِ روانو ٿي ويو، تڏهن بانڪو بهادر به اتان نڪري سڌو محلات ۾ آيو ۽ اچي هن کان حال احوال پڇيائين، جنهن سمورو احوال ڪري ٻڌايس. هن جوان به نڪا ڪئي هم نڪا تم، سڌو وڃي طوطي جو پڃرو لاٿائين، ۽ ان مان طوطو ڪڍي ڪٽي هٿ ۾ ڪيائين.

هوڏانهن طوطو هٿ ۾ بند ٿيو، ۽ هيڏانهن ديو جو ساهه منجهڻ لڳو. يڪدم مينهن واءُ ڪري اچي محلات وٽ پهتو. ڏٺائين ته پڃرو خالي آهي، سو سمجهي ويو ته موت اچي سِر تي ڪڙڪيو، تڏهن سوداگرزادي کي منٿون آزيون



ڪرڻ لڳو ـ چئي: مڃاڻ تنوڻ بانڪو بهادر آهين! بانڪي بهادر چيس ته: صحيح سڃاتو اٿئي، پر جيترا ماڻهو پنڊ پهڻ ڪيا اٿئي، انهن سڀني کي اصل حالت ۾ ڪر، ته پوءِ جيئدان مليئي! ديو يڪدم منتر پڙهي شوڪاريو ته سڀئي ماڻهو اصلوڪي حالت ۾ ٿي ويا. پوءِ بانڪي بهادر وٺي جو طوطي کي نپوڙيو ته اهو اتي جو اتي مري ويو، جنهن سان گڏ ديو ٻه مري ويو. پوءِ بانڪو بهادر پنهنجي پيءُ ۽ چاچي سان مليو ۽ پنهنجي چاچيءَ کي بند مان ڪڍي، چاچي جي حوالي ڪيائين، ۽ سڀ خوش خرم پنهنجي ملڪ روانا ٿيا.

اهي سڀ شيون ڏسي عجب ۾ پئجي ويو، ۽ چيائين ته: بيشڪ زال ذات پنهنجيءَ تي اچي ته سڀڪجهه ڪري سگهي ٿي. ان ڪان پوءِ سوداگر پنهنجي انجام موجب سڄي عمر زال سان وفادار ٿي رهيو.

اجازت ڏنائينس ته : هاڻي پلي وچي سوداگري ڪري اچ. سوداگر زادي کي جو خبر پئي هئي ته ناڻو ڪيڏيءَ تڪليف کان پوءِ ٿو اچي، تنهن سنڀالي ڪفايت سان رهڻ شروع ڪيو. ٿورن ڏينهن کان پوءِ هو بي انداز ناڻو ڪمائي اچي پنهنجي وطن پهتو.

ڪلانداري! آهين يا نه؟ اتي نانڪ جواب ڏنو ته: هائو، جين جبرا ويٺو آهيان. جن پڇيس ته: ڏي اچوڪي خبر، ڇا وهيو ڇا واپريو؟ نانڪ چيس ته: يارا! ڳالهه ئي نه پڇ، اڄ ته سؤ جوڳين جو جوڙ هو مون تي، اچي چيٽن جون ڏکيون منهنجي آستان جي پاسي ۾ ٺاهيائون، ۽ پوءِ اچي مرليون وڄائڻ لڳا-



بس مرلين جي مانجهه منهنجو من ماندو ڪري وڌو. هڪڙي فقير جي ڦوڪڻ مونکي اهڙو ته مستان ڪري ڇڏيو، جو مونکي پنهنجي جاءِ تان اُٿڻو پيو، ۽ آواز جي الستي موج ۾ مونکي پنهنجو جلال ياد آيو. آءٌ بيخود ٿي ويس، ۽ انهيءَ حالت ۾ وٺي جو درد جو دونهون ڪڍيم، ته چيٽا سڀ پرڻ لڳا، ۽ جوڳي پنهنجون مرليون وڄائيندا تنهن کان ڇڏا ٿيندا ويا، تان جو وڃي اهڙي هنڌ تي پهتا، جتان مرلين جو آواز جهيڻو پئجي ويو، ۽ منهنجو من به آهستي سانتيڪو ٿيندو ويو...

تان جو جوڳين جو جوڙ ڦٽي ويو، ۽ هو مونکي جهلڻ ۾ ناڪام ٿي ويندا رهيا. ان کان پوءِ به مان ڪيترو وقت راڳ، جي رس ۾ مست رهيس. اي جنّ جبرا! چون ٿا ته راڳ، جي حڪومت دنيا جي هر بشر، پکي پکڻ ۽ جيت جناور تي هلي ٿي. مان به راڳ، جي هر سُر تي مست، اصل موج ۾ اچي ويندو آهيان.

اها خبر ڪرڻ بعد نانگ، جنّ کان پڇيو ته: ڏي خبر، توسان ڇا وَهيو ڇا واپريو؟ تڏهن جنّ جواب ڏنس ته:



يار! اج هو چنڊ جو ڏينهن، سو مان به ويس بادشاهه جي وڏ ڪنواري ڌيءَ وٽ، ۽ وڃي ڪيومانس بدن ۾ واسو. بس منهنجو واسو ڪرڻ ۽ بانيهوڙ ۾ ترٿلو مچڻ— ڪا پَليتو ڪنيو اچي ته ڪا تعويذ پيئي ٻڌي، ڪا چنڊو پئي آڻي ته ڪا ڦيٽو پئي ڪري، ڪنهن عطر ڇنڪاريو ته ڪنهن لوبان پاريو.

ڪرايائين. جڏهن شهزاديءَ بادشاهه کي پنهنجي ماڻهن ايترو سارو خزانو ڏنو، تڏهن سندن شڪ لٿو ۽ سڀني کي يقين ٿيو ته



برابر هي اصلي بادشاهه آهي. پوءِ ته بادشاهه ۽ شهزاديءَ به 'چگيءَ' کان معافي ورتي ۽ سڀ ڪنڌ کير تي رهڻ لڳا.

ٿورن گهڻن ڏينهن کان پوءِ، سڏو به وري اچي ان شهر ۾ نڪتو، ۽ دل ۾ اهو خيال ڪري ته ڏسان ته چگي سان ڪهڙي چٽ ڪيائون — سو سڌو رخ رکيائين چگيءَ جي محلات ڏانهن. اچي ڏسي ته سارا هي ته اڳوڻي کان به اڳرو پيو هلي. سو نڪا ڪيائين هم نڪا تم، سڌو اچي چگيءَ جي پيرن تي ڪريو ۽ آزيون ڪري چوڻ لڳس ته: دوست! مون توسان سڀ برايون ڪيون، پر تو مون سان هميشه ڀلايون ڪيون آهن — مگر هاڻي مونکي معاف ڪر ۽ خدا جي واسطي ايترو ٻڌاءِ ته توکي هي فيض ڪٿان رسيو؟ تڏهن چگي چيس ته: يارا جي سچ پڇين ته مونکي اهو سمورو

دنبي کي چڪي ڪٺي ٻاهر ڪيو. سپاهين جڏهن دنبو ڏٺو، تڏهن چريٽ کي گهٽ وڌ ڳالهائيندا هليا ويا.

ماڻس خيال ڪيو ته هي ماريو ڪنهن نه، ڪنهن ڏينهن پاڻ کي به وڃهندو ڪاٺ ۾ ۽ مونکي به وڃهندو جنجال ۾؛ تنهنڪري چڱو ائين آهي ته لڏي ڪنهن ٻئي شهر ۾ هلي رهجي. پوءِ چريٽ پڻ کي ساڻ ڪري، سامان سڙو کڻي ڪنهن ٻيءَ بادشاهيءَ ۾ وڃي نڪتي. جتي حياتيءَ جا باقي ڏينهن مزي سان گذاريائين.

## ٣٦- ڳُچِمُچ راجا ۽ چِچِميچ وزير*

هڪڙي وزير جي پُٽ کي شڪار جو ڏاڍو شوق هوندو هو. هڪڙي دفعي شڪار ڪندي، ڪنهن ٻيءَ ولايت جي حد ۾ لنگهي ويو. هڪڙو پنڌ اڻ ڏٺل، پيو ٿڪ، مٿان وري اُڃ به اچي ڏاڍي لڳيس، سو هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو ته من ڪو اجهو نظر اچي ته ڪا گهڙي آرام ڪريان. پري کان هڪڙو باغ نظر آيس. سنئون پاڻي وجي اتي رسيو. ڏٺائين ته هڪڙو عاليشان باغ آهي، جنهن جي وچ ۾ کوهه آهي، کوهه تي نارُ پيو وهي، ۽ انهيءَ مان باغ کي پاڻي پيو اچي. هيءُ به سڌو اچي کوهه تي پهتو، ۽ وهندڙ ڪسيءَ مان پاڻ به پاڻي پيڻ لڳو ۽ گهوڙي کي به پاڻي پيارڻ لڳو. اوچتو باغ جي مالهيءَ جي نظر وجي گهوڙي سوار تي پيئي، تنهن ڪوڏر ڪڍي وٺي ڏانهس لوهه ڪئي. اينديءَ شرط وزيرزادي کي هڪل ڪري چيائين ته: اي گهوڙي وارا! اندو ته ڪونه ٿيو آهين؟ توکي خبر ڪانهي ته هي راجا جو باغ آهي، ۽ تون وري هن ڪسيءَ مان گهوڙي کي پاڻي پيو پيارين! هاڻي گهوڙي جو هيءُ اوبارو پاڻي باغ ۾ وڃي پيو ته باغ جا سڀ گُل ڪومائجي ڇڻي پوندا. وزير زادي جواب ڏنس ته: ميان آرائين! ڪڏهن گهوڙن جي اوباري پاڻيءَ مان باغ جا گل ڇڻيا؟ اهو ٻڌڻ مان مالهيءَ کي جا آئي ڪاوڙ، تنهن پِر ڪري جو ڪنڌ واري ڪوڏر هنيس، ته وزيرزادي جي سيسي وڃي پري پيئي. پوءِ آها سيسي ڪڏ ڪٽي پُوري، باقي ڌڙ ٻاهر ڪچري جي ڍير

---

* هيءَ ڳالهه آتر (تعلقي آباوڙي) مان فاضل قائمي ڪان ملي.

هن جي هڪڙي ٻوري آنءَ جي مان واپارين ۽ ماڻهن کي پاسيرا ٿويا ڀري ڏيڻ لڳو. ڀلا پاسيرن ٿوين تي ٻه چار ڏاڏا آنءَ جا مس چڙهن، سو سڄي شهر ۾ ماڻهن هنن جو اهو هڪ ٻورو آنءَ جو مَس کٽو... ۽ پوءِ پٽ جي خون تان هٿ ڪڍي، بيداد نگريءَ جي ماڻهن جي سڀ دولت ميڙي، خرزينون ڀرائي، اٿي هليو. ڪن ڏينهن کان پوءِ خير سان موٽي اچي پنهنجي ملڪ رسيو، ۽ شڪرانا ڪيائين جو جان بچائي موٽيو هو، نه ته پٽ جي پويان مرڳو سندس ٻه مير ويو هو.

تہ: تو منهنجي وَڏهر ڏيءَ جو سڱ گهريو هو، پلا هاڻي تياري ڪرا حجام کي اچي ٽڙڪڻي لڳي، چپ خشڪ ٿي ويس، ڏڪندي ڏڪندي چيائين تہ: بادشاهہ سلامت! هي ڇا پيا چئو؟ آءٌ اوهان جي ٻانهيءَ جو ٻار حجام، ڪٿي مان ڪٿي اوهين بادشاهہ! سون اِئين سائينجن کي ڪيئن چيو هوندو! ائين اڌ ڪاٻرو ٻہ چار لفظ ڳالهائي، حجام ويچارو بيهوش ٿي ڪري پيو. بادشاهہ مٿس گلاب ۽ عطر ڇٽڪاري کيس هوش ۾ آندو.

ان ڏينهن کان پوءِ وري ڪڏهن بہ حجام، بادشاهہ سان پنهنجي پٽ جي آڏجڻ ۽ شهزاديءَ جي شينهن ڪلهي چڙهڻ جي ڳالهہ ڪانہ ڪئي. هڪڙي ڏينهن بادشاهہ وزير کان پڇيو تہ: وزيرا اها آخر ڪهڙي ڳالهہ هئي؟ وزير عرض ڪيو تہ جيئندا قبلا! هي سڀ دولت جو نشو آهي.

# صحت نامو

| صفحو/سٽ | غلط | صحيح |
|---|---|---|
| ١٠/٩ | جاء | جاءِ گهرجي ، |
| ٢٣/٢١ | حواي | حوالي |
| ٣/٢٣ | ڏٺيءَ جي سان | ڏٺي جي قدرت سان |
| ٥/٢٨ | شهزادي جي ساٿ | جادوگرياڻي |
| ٣/٦٤ | هٿ | هٿ |
| ١٠/١١٩ | رج | راڄ |
| ٧/١٢٠ | يوکن | پوکن |
| ٢٤/١٢١ | راز | راض |
| ٧/١٣٤ | ماڻهوءَ ۾ تعيير | ۾ ماڻهو تعبير |
| ٣/١٦٣ | سڪ | سڪا |
| ١٧/١٦٦ | لنهنڪري | تنهنڪري |
| ١٥/١٧٦ | جوندو | چوندو |
| ٥/١٧٧ | هوندئي | هوندي ئي |
| ١٠/١٩٣ | سياڻي | سياڻي |
| ٨/١٩٩ | ع رت | عورت |
| ١١/٢٠٥ | نرار | ترار |
| ١٣/٢٢٤ | ڀڏي، وائڙو | ڀڏي، سو وائڙو |

SINDHI FOLKLORE & LITERATURE BOOK - XXII

# FOLK TALES-II

## (KINGS, MINISTERS & MERCHANTS)

---

Compiled & Edited
by
N. A. BALOCH
M. A., LL. B. (Alig.), M. A., Ed. D. (Columbia.)
Director
Sindhi Folklore and Literature Project
Sindhi Adabi Board.

SINDHI ADABI BOARD
P.O. Box No: 12
JAMSHORO/HYDERABAD
PAKISTAN
1987

All Rights Reserved with the Sindhi Adabi Board.

Compiled under
The Sindhi Adabi Board's Research Project
on
Sindhi Folklore & Literature

| | | |
|---|---|---|
| Ist. Edition | February 1963 | 1000 Copies |
| 2nd. Edition | December 1977 | 4000 Copies |
| 3rd. Edition | August 1987 | 2000 Copies |

[Price: Rs. 30.00]

To be had from
SINDHI ADABI BOARD'S BOOK - STALL
Tilak Incline, Hyderabad City

(G. P. O. Box No: 12 HYDERABAD SIND)

---

Printed] by Mian Allah Bachayo M. Yusufzai, Manager Sindhi Adabi Board's Offset Press Jamshoro Sind and Published by Mr. Mohammad Husain Turk, Secretary, Sindhi Adabi Board, Jamshoro, Sind, Pakistan.

# PREFACE

This is the Twenty-second book, in serial order, compiled under the Sindhi Adabi Board's Folklore and Literature Project. In 1956, the Board had approved this 5-year research project (1957-1961) for the collection, compilation and publication of Sindhi folklore and literature. It has now been extended for a further period of three years, 1961-1963.

The scheme has been deliberately named as 'Folklore and Literature Project'. At the present stage, a considerable body of verse and tales is current through oral tradition among the village folk with which the educated and the intellectuals are not familiar. All this material in verse and prose is 'folklore' in the sense that it is popular and preserved with the village folk; yet, a considerable part of it is 'standard literature', and will be recognised as such after it is published.

The initial work on this project was started in January 1957, and the first two years were devoted mainly to the collection of material both from the oral traditions of the village folk and the written record. The oral tradition was reduced to writing through a network of field-workers, one stationed in each taluka. The compilation and publication work commenced from 1959.

The project aims at publishing representative works pertaining to the following selected segments of Sindhi folklore and literature: (*a*) Fables and Fairy tales; (*b*) Pseudo-historical romances; (*c*) Tales of historical nature; (*d*) Folk-poetry,; (*e*) Folk-songs; (*f*) Marriage-songs; (*g*) Poems pertaining to wars and other events; (*h*) Riddles; (*i*) Proverbs; (*j*) Wit and humour, and (*k*) Folk customs and superstitions. It is expected that forty basic

works will be compiled under the above categories. By now, 12 works have been published, 11 are under print and the rest are under compilation.

Of the seven books planned under the Project to incorporate different varieties of folk-tales, legends and other stories, this is the second book pertaining to what may be called 'the tales of kings, ministers and merchants'. The village folk call all kinds of tales and legends *Kahanyoon* (tales) or *Galhiyoon* (stories), more often qualifying them as *Badshahan jun Kahaniyoon* or *Galhiyoon, the tales or stories of kings,* because most of the tales open with the mention of a king. This may be considered as the general name for Sindhi folk-tales, though individual tales are called by the name of the king or any other person who figures prominently in the tale.

A broad division of Sindhi folk-tales into 'classical' and 'popular' may be made for convenience sake. Some of the significant features of the 'classical type', *e.g.*, the nature of the plot, fulfilment of 'conditions' set for the hero and the typical super-natural characters, were briefly described in the 'Preface' to the First Volume published in December, 1960.

This volume includes thirty seven tales mostly of the 'classical type'. The super-natural characters, such as demons, fairies, genii, witches and sorcerers play their part, as also the human characters such as kings, princes, ministers and merchants.

From the point of central idea, these tales may be classified as follows:

- Adventures and Individual Valour Nos. 1,2,12,14,27,30 & 31.
- Romance Nos. 23 & 24.
- A real fairy tale No. 6.

- Fortune and Misfortune Nos. 9 & 29.
- Husband's Wisdom Nos. 10, 17, 19, 20, 22, 28 & 33.
- Wife's Wisdom Nos. 8, 18, 25 & 32.
- Haste makes waste Nos. 3 & 4.
- Punishment for not keeping promise No. 5.
- Folly Nos. 35 & 36.
- True Friendship Nos. 15, 16 & 31.
- Alms giving No. 13.
- Admonition Nos. 7, 11, 26 & 34.

Thirty nine (39) Sindhi folk-tales have been brought to light through the publication of the first volume of this series. With the publication of this second volume, a total number of seventy six (76) tales would have been laid under contribution.

University of Sind,
Hyderabad.
February 19, 1963.

N. A. BALOCH,
Director.

سن
لوک ا

س
لوک
ج

سنڌي
ڪراچي
پاڪ



# پڙهندڙ نسُل . پ ن

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪِڙهندڙ، کُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺو، ياچوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٺاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ بنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ ڪي ڀاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‎ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪچي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻچاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياکي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)